# قيامت جون نشانيون

17-October-2019



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# قيامت جون نشانيون

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** جڏهن به مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جوته جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زمِ زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي به شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي ته اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت به صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نه هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. ”فتاويٰ شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي ته اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري **(يعني هاڻي چاهي ته کائي پي يا سمهي سگهي ٿو.)**

## دُرُود شريف جي فضيلت

رحمت واري نبي، مکي مدني صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ رحمت نشان آهي: اي انسانو! بيشڪ بروزِ قيامت ان جي دهشتن (يعني گهبراهٽن) ۽ حساب ڪتاب کان جلد نجات ماڻڻ وارو اهو شخص هوندو جنهن مون تي دُنيا ۾ ڪثرت سان دُرود شريف پڙهيا هوندا. (اَلْفِردَوس بمأثور الْخِطاب، ۲۷۷/۵ حديث:۸۱۷۵)

کعبے کے بدر الدُّجیٰ تم پہ کروروں دُرُود طیبہ کے شمسُ الضُّحیٰ تم پہ کروروں دُرُود

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري ونون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
(2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❖ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندس ❖ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❖ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❖ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندس ❖ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا إلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❖ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! دنيا ڏسڻ ۾ وڏي پُررونق آهي، پر ان جو عيب اهو آهي ته هتي جي هر شيءِ جي ڪا نه ڪا انتها آهي، عَنقريب هڪ ڏينهن اهڙو ايندو جڏهن دنيا جون تمام رنگينيون ختم ٿي وينديون، دنيا جي خوبصورتي تي زوال اچي ويندو، دنيا اُجڙيل چمن جيان ويران ٿي ويندي، وڏا وڏا جبل وِکرجي ذرا ذرا ٿي ويندا، عاليشان محل ٽٽي پوندا، چمڪندڙ تارا پنهنجي جڳهه ڇڏي ڏيندا، سج ۽ چنڊ جي روشني هلڪي ٿي ويندي، سمنڊ ڌُڪايا ويندا، زمين ائين ڌڪندي جو ڪڏهن نه ڌڪي هوندي، زمين پنهنجو بار ٻاهر اڇلائي ڇڏيندي، آسمان ڦاٽي وهڻ لڳندو، هڪ عجيب منظر هوندو، حال اهو

هوندو جو ڪير پيئارڻ واري پنهنجي ڪير پياڪ ٻار کي وساري ڇڏيندي، اهڙي تباهي مچندي جو اَلْاَمان وَالحفيظ. انهيءَ کي قيامت جو ڏينهن چون ٿا. انهيءَ کي حسرت ۽ پشيماني جو ڏينهن چون ٿا، انهيءَ کي حساب ڪتاب ۽ سوال جواب جو ڏينهن چون ٿا، انهيءَ کي زلزلي ۽ تباهي جو ڏينهن چون ٿا، انهيءَ کي واقع ٿيڻ ۽ دل ڏڪائڻ وارو ڏينهن چون ٿا، انهيءَ کي زلزلي ۽ اونڌو ٿيڻ جو ڏينهن چون ٿا. الله پاڪ اسان کي هن ڏينهن جي تياري ڪرڻ ۽ گهٽي مان گهٽا نيڪ عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

قرآن ڪريم ۾ قيامت کي مختلف نالن سان بيان ڪيو ويو آهي، قيامت جا تقريباً 100 کان وڌيڪ نالا آهن، اچو! انهن مان ڪجهه جا نالا پڙهون ٿا:

يَوْمُ الْقَضَاء فيصلي جو ڏينهن. يَوْمُ الْوَزْن اعمالناما تورڻ جو ڏينهن. يَوْمٌ مَّشْهُوْدٌ حاضري جو ڏينهن. يَوْمُ الْخِزْي ڪجهه ماڻهن جي لاءِ ذلت جو ڏينهن. يَوْمُ الْمُحَاسَبَة حساب جو ڏينهن. يَوْمَ الْحَسْرَةِ پڇتائڻ جو ڏينهن. يَوْمٌ عَقِيْمٌ سخت ڏينهن. يَوْمُ الْحَشْر جمع ٿيڻ جو ڏينهن. يَوْمُ الْفَزَع گهبراهٽ جو ڏينهن. يَوْمُ الْبَعْث قبرن مان ٻيهر اٿڻ جو ڏينهن. يَوْمُ الْفَتْح اعمالناما کلڻ جو ڏينهن. يَوْمُ الْمِيْعَاد واعدي جو ڏينهن. يَوْمُ الصَّيْحَة زلزلي جو ڏينهن(رڙ جو ڏينهن). يَوْمُ الزَّجْرَة ڇھڙبڻ جو ڏينهن. يَوْمُ الْحِسَاب حساب جو ڏينهن. يَوْمُ التَّلَاق ملاقات جو ڏينهن. يَوْمُ التَّنَاد پڪار جو ڏينهن. يَوْمُ الْجَمْع جمع ٿيڻ جو ڏينهن. يَوْمُ التَّغَابُنِ هارجڻ جو ڏينهن. يَوْمُ الْفَصْل فيصلي يا جدائي ۽ امتياز جو ڏينهن وغيره..

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! قيامت تي ايمان رکڻ نهايت ضروري آهي. ڇوته هي عقيدو مسلمان جي بنيادي عقائد ۽ ضرورياتِ دين مان آهي. ضرورياتِ دين اسلام جا اهي احڪام آهن، جن کي هر خاص ۽ عام ڄاڻندا هجن، جيئن الله پاڪ جي وحدانيت (يعني ان جي هڪ هجڻ) انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جي نبوت، نماز، روزو، حج، جنت، دوزخ، قيامت ۾ اٿاريو وڃڻ، حساب ۽ ڪتاب وٺڻ

وغيره. انهن تي ايمان آڻڻ بغير ڪو مسلمان نٿو ٿي سگهي. قيامت ڪڏهن ايندي؟ هن جو حقيقي علم ته الله پاڪ ۽ الله جي عطا سان ان جي حبيب، طبيبن جي طبيب عَلَيه الصَّلوٰة وَالسَّلَام کي آهي، پر قُرآنِ ڪريم ۽ اَحاديثِ مُبارڪ ۾ قيامت قائم ٿيڻ جون ڪيئي نشانيون بيان فرمايون ويون آهن، انهن نشانين جو ظاهر ٿيڻ قيامت جي جلد اچڻ جي نشاندهي ڪري ٿو، اڄ جي بيان ۾ اسان قيامت جي نشانين جي باري ۾ ٻڌنداسين. اي ڪاش! اسان کي سچو بيان سنين سنين نيتن سان ٻڌڻ نصيب ٿي وڃي.

اچو! سڀ کان پهريان هڪ حديثِ پاڪ ٻڌون ٿا:

## جبريلِ امين عَلَيْهِ السَّلَام بارگاهِ مصطفٰي ۾

حضرت عمر بن خطاب رَضِیَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي، فرمائن ٿا ته هڪ ڏينهن اسان نبي ڪريم، رؤف رحيم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ وٽ ويٺا هئاسين ته اوچتو بلڪل سفيد لباس ۽ نهايت ڪارن وارن وارو هڪ شخص آيو، اهو نه ڪوئي مسافر لڳي رهيو هو ۽ نه ئي اسان مان ڪو ان کي سڃاڻندو هو. هو پاڻ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ وٽ اچي ويهي رهيو ۽ ان پنهنجا گوڏا رسولِ رحمت، شفيعِ امت صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ گوڏن سان ملائي ڇڏيا ۽ پنهنجا هٿ گوڏن تي رکي ڇڏيا ۽ چوڻ لڳا: اي محمد! (صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) مون کي اسلام جي باري ۾ ٻڌايو؟ پياري آقا، مديني واري مُصطفٰي صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: اِسلام اهو آهي ته تون هن ڳالهه جي شاهدي ڏئين ته الله پاڪ کان سواءِ ڪوبه عبادت جي لائق ناهي ۽ محمد صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ الله جا رسول آهن، ۽ تون نماز قائم ڪرين، زڪوٰة ڏئين، رمضان جا روزا رکين ۽ طاقت هجي ته ڪعبةالله جو حج ڪرين. ان چيو: اوهان سچ فرمايو. اسان کي هن تي تعجب ٿيو ته پاڻ ئي سوال ڪري ٿو ۽ پوءِ پاڻ ئي تصديق به ڪري ٿو. پوءِ ان چيو: مون کي ايمان جي باري ۾ ٻڌايو؟ نور جي پيڪر، تمام نبين جي سَروَر صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: ايمان اهو آهي ته تون الله پاڪ، ان جي ملائڪن، ان جي ڪتابن، ان جي رسولن، آخرت ۽ تقدير جي چڱي ۽ بُري هئڻ تي ايمان آڻين. ان چيو: اوهان سچ فرمايو. وري

ان چيو: مون کي احسان جي باري ۾ ٻڌايو؟ اُمّت تي مهربان، ٻنهي جهانن جي سلطان صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: تون الله پاڪ جي عبادت اهڙي طرح ڪر جو ڄڻ تون ان کي ڏسي رهيو آهين، جيڪڏهن تون ان کي نٿو ڏسي سگهين ته هُو ته توکي ڏسي رهيو آهي. پوءِ ان عرض ڪيو: مون کي قيامت جي باري ۾ ٻڌايو؟ فرمايائون: جنهن کان قيامت جي باري ۾ پڇيو ويو آهي اهو پڇڻ واري کان وڌيڪ نٿو ڄاڻي. عرض ڪيائين: قيامت جون نشانيون ئي ٻڌائي ڇڏيو. فرمايائون: ٻانهي پنهنجي مالڪ کي ڄڻيندي ۽ توهان ڏسندؤ ته اگهاڙن پيرن وارا، اگهاڙي جسم، مفلس ۽ ٻڪريون چارڻ وارا بلند و بالا گهرن جي تعميرات ۾ هڪٻئي تي فخر ڪندا هوندا. پوءِ اهو شخص هليو ويو، (حضرت عمر بن خطاب رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ فرمائن ٿا) مان ڪجهه دير خاموش رهيس، پوءِ پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: اي عمر! خبر اٿئي اهو سوال ڪندڙ ڪير هو؟ مون چيو: الله پاڪ ۽ ان جو رسول صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ بهتر ڄاڻن ٿا.فرمايائون: اهو حضرت جبرائيل هئا جيڪي توهان کي توهان جو دين سيکارڻ آيا هئا. (مسلم،ڪتاب الايمان،باب بيان الايمان۔۔۔الخ،ص٣٣،حديث:٩٣)

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## فيضانِ حديث

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل حديثِ پاڪ ۾ سکڻ جي لاءِ گهڻو ڪجهه آهي. اچو! هن حديثِ پاڪ مان حاصل ٿيندڙ ڪجهه نڪتا ٻڌون ٿا:

**پهرين ڳالهه** جيڪا سکڻ جي لاءِ ملي اها هي آهي ته اسان کي خبر آهي ته حضرت جبريل امين عَلَيۡهِ السَّلَام نوري مخلوق يعني ملائڪ آهن، بلڪ تمام نوري ملائڪن جا سردار آهن، سيدالملائڪ آهن، ۽ مسلم شريف جي حديثِ پاڪ آهي ته رسولِ ڪريم، رؤف رحيم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايائون: الله پاڪ ملائڪن کي نور مان پيدا فرمايو آهي. (مسلم،ڪتاب الزهد والرقائق ،باب في احاديث متفرقة، ص١٢٢١ ، حديث:٧٤٩٥) معلوم ٿيو ته حضرت جبريل امين عَلَيۡهِ السَّلَام به نور مان پيدا ڪيا ويا

آهن، نور هئڻ جي باوجود حضرت جبريل عَلَيۡهِ السَّلَام بشر (انسان) بڻجي اسان جي پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهه ۾ حاضر ٿيا، هن طرح جو صحابهٴ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان به ان کي نه سڃاڻي سگهيا، هن مان معلوم ٿيو ته جڏهن حضرت جبريل عَلَيۡهِ السَّلَام نوري مخلوق هئڻ جي باوجود بشر بڻجي هن دنيا ۾ آيا آهن ته اسان جا پيارا آقا، ٻنهي جهانن جا داتا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم به نور هئڻ جي باوجود بشر بڻجي هن دنيا ۾ تشريف فرما ٿيا آهن.

حضرتِ سيدُنا جابِر بن عبدالله انصاري رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُمَا فرمائن ٿا، مون عرض ڪيو: ”يارسولَ الله (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)! منهنجا ماءُ پيءُ حُضور (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) تي قربان! مون کي ٻڌايو ته سڀ کان پهريان الله پاڪ ڪهڙي شيء ناهي؟“ فرمايائون: ”اي جابِر! بيشڪ بِاليقين، الله پاڪ تمام مخلوقات کان پهريان تنهنجي نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو نور پنهنجي نور مان پيدا فرمايو.“ (فتاوي رضويه، ۶۵۸/۳۰ ، الجزءُ المفقُود مِن الجزء الاوّل مِنَ المُصَنَّف لِعبدالرّزّاق، ص ۶۳، حديث:۱۸)

ان ڪري اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت، مجددِ دين و ملت امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جا ته خوب فرمائن ٿا:

جو گدا ديکھو ليے جاتا ہے توڑا نور کا — نور کی سرکار ہے کیا اس میں توڑا نور کا

نور کی سرکار سے پایا دوشالہ نور کا — ہو مبارک تجھ کو ذوالنورین جوڑا نور کا

تیری نسلِ پاک میں ہے بچہ بچہ نور کا — تُو ہے عینِ نور تیرا سب گھرانہ نور کا

(حدائقِ بخشش، ص۲۴۶،۲۴۵)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## باادب بانصيب

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ٻي ڳالھ جيڪا هن حديثِ پاڪ مان معلوم ٿي اها هي آهي ته حضرت جبريل امين عَلَيۡهِ السَّلَام جڏهن بارگاهِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ حاضر ٿيا ته گوڏن پر ٿي هٿ ران تي رکي ادب سان ويهي رهيا، هن مان اسان

کي بہ اهو درس ملي ٿو تہ جڏهن ڪنهن وڏي جي بارگاهہ ۾ وڃون، چاهي اهو استاد (Teachers) هجي، چاهي اهو ڪوئي عالمِ دين هجي، چاهي اهو ڪو مفتي صاحب هجي، پير و مرشد هجن يا والد صاحب هجن تہ اسان کي بہ ادب ۽ تعظيم سان ويهڻ گهرجي، افسوس! جو اڄ جو نئون نسل هن طرح جي ادب ڪرڻ کان گهٽو پري ٿيندو پيو وڃي، وڏن سان ڪيئن ڳالهہ ڪئي ويندي آهي، وڏن جي اڳيان ويهڻ اٿڻ ۾ ڪهڙن آدابن کي پيشِ نظر رکڻ گهرجي، ڪهڙي ڳالهہ وڏن جي اڳيان خلافِ ادب آهي، وغيره وغيره هنن ڳالهين سان اڄ جو نئون نسل ئي چا وڏا بہ ڪافي پري نظر اچي رهيا آهن. والدين کي گهرجي تہ اولاد کي ننڍپڻ ئي کان وڏن جو ادب ۽ احترام ڪرڻ سيکارين.

ياد رهي تہ !والدين تي اولاد جا جيڪي حق آهن، انهن مان هڪ اهو بہ آهي تہ اولاد جي سني تربيت ڪن انهن کي اسلامي اخلاق ۽ آداب سيکارين ان جي تفصيلي معلومات ڄاڻڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جو رسالو ”اولاد جا حَق“ جو مطالعو ڪريو.

الله ڪريم اسان کي ۽ اسان جي اولادن کي باادب ۽ بانصيب بڻائي.

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِی الْاَمِین صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

## عبادت ڪيئن ڪريون؟

ٽئين ڳالهہ جيڪا هن حديثِ پاڪ مان معلوم ٿي اها هي آهي تہ اسان کي هرعبادت اهڙي طرح سان ڪرڻ گهرجي جو تصور اهو هجي تہ هو رب جنهن جي اسان عبادت ڪري رهيا آهيون اسان هن کي ڏسي رهيا آهيون ۽ جيڪڏهن اهڙو تصور نہ بڻجي تہ اهو تصور تہ بنائڻ ئي گهرجي تہ جنهن جي بارگاهہ ۾ اسان حاضر آهيون هو پاڪ پَروَردگار اسان کي ڏسي رهيو آهي. اها ئي ڳالهہ مسلمان کي ظاهري آداب ۽ شرعي مسئلا سکڻ تي اڀارڻ جي لاءِ ڪافي آهي تہ بانهو اهڙي طرح عبادت ڪري جو جهڙي طرح عبادت ڪرڻ جو حڪم آهي، پڻ هي ڳالهہ خشوع ۽ خضوع جو حقيقي رنگ آهي تہ مان جنهن جي عبادت

ڪري رهيو آهيان، انهيءَ جي لاءِ ڪري رهيو آهيان ۽ اهو مونکي ڏسي رهيو آهي ۽ هن طرح سان ڪئي ويندڙ عبادت بانهي جي ظاهر کي بہ سنواري ڇڏيندي آهي ۽ ان جي باطن کي بہ جڳمڳائي ڇڏيندي آهي. اي ڪاش! اسان کي بہ پنهنجي عبادتن ۾ شرعي آداب ۽ خشوع ۽ خضوع نصيب ٿي وڃي.

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِی الْاَمِين صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ

## قيامت ڪڏهن ايندي؟

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! **هڪ ٻي اهم ڳالهہ** جيڪا هن حديثِ پاڪ مان اسان کي معلوم ٿي اها هي آهي تہ حضرت جبريل عَلَیْہِ السَّلَام کي معلوم هو تہ رسولِ رحمت، شفيع امت صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ الله پاڪ جي عطا سان غيب ڄاڻن ٿا ۽ اها ڳالهہ بہ خبر آهي تہ قيامت ڪڏهن ايندي. اهو ئي سبب آهي جو انهن سوال ڪيو تہ مون کي ٻڌايو تہ قيامت ڪڏهن ايندي. حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: هتي حضرت جبرائيل امين (عَلَیْہِ السَّلَام) حضور (عَلَیہ الصَّلٰوۃ وَالسَّلَام) جي امتحان يا عجز ظاهر ڪرڻ جي لاءِ تہ سوال نہ ڪري رهيا هيا، بلڪ اهو ڏيکارڻ چاهين پيا تہ حُضُور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي قيامت جو علم تہ آهي پر ان جو اظهار نہ فرمايائون. خيال رهي تہ حضور (صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ) ٻين موقعن تي قيامت جو ڏينهن بہ ٻڌايو، مهينو بہ تاريخ بہ ۽ فرمايائون جمعہ جو ٿيندي، محرم جي مهيني ڏهين تاريخ ۾ ٿيندي. (مرآۃ المناجیح،کتاب الایمان ،الفصل االاول،۱/۲۶) جيئن تہ حديث پاڪ ۾ آهي تہ قيامت عاشوراء جي ڏينهن يعني محرم جي مهيني جي ڏهہ تاريخ تي ٿيندي.
(فضائل الاوقات للبیہقی، باب تخصیص یوم عاشوراء بالذکر، ص۱۱۹، الحدیث: ۲۸۲)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب!　　　صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## قيامت جون نشانيون

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! **پنجين ڳالهہ** جيڪا هن حديث مان معلوم ٿي رهي آهي اها هي آهي تہ قيامت تہ ايندي، پر ان جي اچڻ کان پهريان ڪجهہ نشانيون ۽ علامتون بہ آهن جيڪا هن ڳالهہ جي نشاندهي ڪنديون تہ قيامت اچڻ واري

آهي. هن حديثِ پاڪ ۾ غيب ڄاڻڻ واري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ قيامت جون ڪي نشانيون بيان فرمايون آهن. هڪ اها ته ٻانهيءَ پنهنجي مالڪ کي ڄڻيندي، ٻي اها ته اگهاڙن پيرن، اگهاڙي جسم وارا، مفلس ۽ ٻڪريون چارينڌڙ بلند ۽ بالا گهرن جي تعميرات ۾ هڪٻئي تي فخر ڪندا هوندا. قيامت جي انهن ٻن نشانين جي باري ۾ وڌيڪ وضاحت به ٻڌائي ويندي، هنن نشانين کان علاوه به احاديثِ طيبه ۾ قيامت جون ڪيئي ٻيون نشانيون بيان ٿيون آهن. ”بهارِ شريعت“ ۾ احاديثِ طيبه جي روشني ۾ قيامت جون ڪيئي نشانيون ذڪر ڪيون ويون آهن، اچو! اسان انهن مان ڪجهه ٻڌون ٿا: ❖ علم کڻيو ويندو.(يعني عالم سڳورا کڻيا ويندا) ❖ جڏهن ڪو عالم نه رهندو ته ماڻهو (مجبوريءَ طور) جاهلن کي پنهنجو پيشوا ٺاهيندا، ❖ پوءِ انهن کان ديني مسئلا پڇندا ته هو بنا علم جي فتوا ڏيندا ته پاڻ به گمراهه ٿي ويندا ۽ ٻين کي به گمراهه ڪندا. (بخاری، کتاب العلم،باب کیف یقبض العلم،۵۴/۱،حدیث:۱۰۰) ❖ جهالت جي ڪثرت هوندي. ❖ بدڪاري ۽ شراب خوري عام ٿيندي.❖ مَرد گهٽ هوندا ۽ عورتون گهڻيون، ايستائين جو هڪ مرد جي سرپرستي ۾ پنجاهه عورتون هونديون. (بخاری، کتاب النکاح، باب یقل الرجال ویکثر النساء،۴۷۲/۳،حدیث: ۵۲۳۱) ❖ مال جي ڪثرت هوندي. (مسلم، کتاب الزکاۃ، باب الترغیب فی الصدقۃ ...إلخ،ص۳۹۲،حدیث: ۲۳۳۹ملتقطا) ❖ دِين تي قائم رهڻ ايترو دُشوار هوندو جيئن مُٺيءَ ۾ ٽانڊو ڪٽڻ. (ترمذی، کتاب الفتن،باب۴،۱۱۵/۷۳،حدیث: ۲۲۶۷) ❖ وَقت ۾ برڪت نه هوندي، ايستائين جو سال مهيني جيان ۽ مهينا هفتي جيان ۽ هفتو ڏينهن جيان ۽ ڏينهن ائين ٿيندو جيئن ڪنهن شيءِ کي باهه لڳي هجي ۽ جلد ڀڙڪي ختم ٿي وئي. (ترمذی، کتاب الفتن، باب ماجاء فی تقارب الزمن...إلخ ،۱۴۸/۴،حدیث: ۲۳۳۹ملتقطا) ❖ زڪوٰة ڏيڻ (ماڻهن تي ائين مشڪل ٿيندو جو ان کي) تاوان سمجهندا. (ترمذی، کتاب الفتن، باب ما جاء في علامة...إلخ،۸۹/۴،حدیث: ۲۲۱۷) ❖ علمِ دين پڙهندا، پر دين جي لاءِ نه. ❖ مَرد پنهنجي عورت جو فرمانبردار ٿيندو. ❖ ماءُ پيءُ جي نافرماني ڪندو. ❖ پنهنجي احباب سان ميل جول رکندو ۽ پيءُ سان جدائي. ❖ مسجد ۾ ماڻهو رڙيون ڪندا. ❖ ڳائڻ وڄائڻ جي ڪثرت هوندي. ❖ اڳوڻن تي ماڻهو لعنت

ڪندا، انهن کي بُرو چوندا. (ترمذی، کتاب الفتن، باب ما جاء فی علامة...إلخ،۴/۹۰،حديث: ۲۲۱۸) ❖ ذليل ماٺهو جن کي تن جو ڪپڙو، پيرن جون جوتيون نصيب نہ هيون اهي وڏن وڏن محلن ۾ فخر ڪندا. (مسلم، كتاب الايمان،باب بيان الايمان...إلخ،ص۳۳،حديث:۹۳ملتقطا)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هاڻي اسان قيامت جي نشانين جي باري ۾ ٻڌو، قيامت جون ڪجهہ نشانيون اهڙيون آهن جيڪي پوريون ٿي چڪيون آهن جڏهن تہ ڪجهہ نشانيون اهڙيون بہ آهن جيڪي پوريون ٿيڻ باقي آهن.

## (1) نشاني چنڊ جو ڦاٽي پوڻ

هڪ نشاني جيڪا پوري ٿي چڪي آهي ان کي قُرآنِ پاڪ ۾ بہ صراحت سان بيان ڪيو ويو آهي، جيئن سيپاري 27 سورة القمر جي پهرين آيت ۾ ارشاد آهي:

اِقْتَرَبَتِ السَّاعَةُ وَ انْشَقَّ الْقَمَرُ ۝۱ (پ ۲۷، القمر:۱)

ترجَمَۂ کنزُالایمان: قيامت قريب اچي وئي ۽ چنڊ چيرجي پيو.

تفسير صراطُ الجنان ۾ هن آيت سڳوري جي حوالي سان آهي تہ قيامت جي نزديڪ هئڻ جي نشاني ظاهر ٿي وئي تہ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي معجزي سان چنڊ بہ ٽڪرا ٿي ڦاٽي پيو. چنڊ جو بہ ٽڪر ٿيڻ بابت هن آيت ۾ بيان آهي، اهو نبي ڪريم صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي روشن معجزن مان آهي. (خازن، القمر، تحت الآية: ۱، ۴/۲۱۶)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ چنڊ جو ڦاٽي پوڻ اها قيامت جي نشاني هئي، جڏهن تہ ڪافرن جي اصرار تي تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ معجزو ڏيکاريندي چنڊ کي چيري ان جا بہ ٽڪرا ڪيا هئا.

## (2) ٻانهي پنهنجي مالڪ کي ڄڻيندي

اسان قيامت جي هڪ نشاني اها بہ ٻڌي تہ ٻانهي مالڪ کي ڄڻيندي. اها بہ قيامت جي نشانين مان هڪ نشاني آهي عالم سڳورن هن فرمانِ مصطفيٰ

جون مختلف وضاحتون بيان ڪيون آهن. اسان جي معاشري جي ماحول جي مطابق جيڪا وضاحت آهي اها هي آهي ته ماڻهو پنهنجي حقيقي ماءُ سان ٻانهين (ملازمه/ خادمه) جهڙو سلوڪ ڪندا، ماءُ کي ٻانهين جيان رکندا، ماءُ جي نافرماني ۾ حق تلفي ڪندا، ماءُ کي تڪليف پهچائيندا ۾ حال اهو ٿي ويندو جو اولاد پنهنجي ماءُ سان آقا جيان ورتاءُ ڪندو. (مقالاتِ شارحِ بخاري، باب اول ١/١٥٦ملخصاً) جيئن ته حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن فرمانِ عالي جو مطلب بيان ڪندي لکن ٿا: (ٻانهي مالڪ ڄڻيندي) يعني اولاد نافرمان ٿيندي، پٽ ماءُ سان اهڙو سلوڪ ڪندو جيئن ڪو ٻانهيءَ سان (سلوڪ ڪندو آهي) ته (هاڻي مطلب اهو ٿي ٿيو ته) ڄڻ ماءُ پنهنجي مالڪ کي ڄڻيندي. (مرآة المناجيح،ڪتاب الايمان ،الفصل االاول،١/٢٦)

## معاشري جي حالتِ زار

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ جيڪڏهن اسان پنهنجي آسپاس نگاهه ڪيون ته اها حقيقت سامهون ايندي ته اسان جي معاشري ۾ هڪ تعداد آهي جيڪو والدين خاص ڪري ماءُ سان تمام بُرو سلوڪ ڪري ٿو. اڄ هڪ تعداد آهي ماءُ تي شينهن جيان گجگوڙ ڪندو نظر اچي ٿو، ماءُ جي اڳيان رڙيون ڪندو نظر اچي ٿو ، ڪجهه نادان ته مَعَاذَ اللّٰه ماءُ کي گاريون پڻ ڏيندا آهن، ۽ ڪجهه بدقسمت ته مارڪٽ ڪندا آهن، جيئن ته اڄڪلهه اخبارن وغيره ۾ خبرون ڏسڻ ۾ ايندڙيون آهن.

## ماءُ قدرت جو انمول تحفو

جڏهن ته "ماءُ" ته قدرت جو انمول تحفو (Gift) آهي. "ماءُ" جو مرتبو قرآن ۽ حديث ۾ بَيان ٿيل آهي، "ماءُ" جو فرمانبردار اللّٰه پاڪ ۽ ان جي پياري رسول، رَسُولِ مَقبُول صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي رِضا ماڻڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو آهي، جيڪڏهن سڄي زندگي به ماءُ جي خدمت ڪئي وڃي تڏهن به ماءُ جي احسانن جو بدلو لاهي نٿو سگهجي. ڇوته ❖ **امڙ ئي اها هستي آهي جيڪا** پنهنجي خونِ جگر سان اَولاد کي نپائيندي آهي، ❖ **امڙ ئي اها هستي آهي جيڪا** پنهنجي اولاد جي آرام جي خاطر پنهنجو چين سُڪون قربان ڪندي آهي. ❖

**امڙ ئي اها هستي آهي جيڪا** پاڻ تہ گرمي برداشت ڪندي آهي پر اولاد کي ان تڪليف سان بچائڻ جي ڪوشش ڪندي آهي. ❖ **امڙ ئي اها هستي آهي جيڪا** اولاد جي خاطر سياري جون ٿڌيون ۽ وڏيون راتيون جاڳي گذاريندي آهي، ❖ **امڙ ئي اها هستي آهي جيڪا** پنهنجون خواهشون قربان ڪري اولاد جي خواهشن کي پورو ڪرڻ جي پوري ڪوشش ڪندي آهي. ❖ **امڙ ئي اها هستي آهي جيڪا** پنهنجي وات جو گرھ بہ اولاد جي وات ۾ وجهي خوش ٿيندي آهي ۽ پاڻ بکايل ئي سمهي پوندي آهي. ❖ **امڙ ئي اها هستي آهي جيڪا** اولاد کي گرم ۽ نرم بستر تي سمهاري پاڻ ٿڌي فرش تي ليٽي پوندي آهي. ❖ **امڙ ئي اها هستي آهي جيڪا** مڙس جي وفات کان پوءِ بہ اولاد کي دربدر ڀٽڪڻ ناهي ڏيندي. ❖ **امڙ ئي اها هستي آهي جيڪا** قرض جي چَڪيءَ ۾ پسجي بہ اولاد جي فرمائشن کي پورو ڪندي آهي. ❖ **امڙ ئي اها هستي آهي جيڪا** اولاد جي ٿورڙي تڪليف تي بہ تڙپڻ لڳندي آهي. ❖ **امڙ ئي اها هستي آهي جيڪا** ٿانوَ ڌوئي ماڻهن جي گهرن جي صفائي ڪري پنهنجي اولاد جو پيٽ پاليندي نظر ايندي آهي. ❖ **امڙ ئي اها هستي آهي جيڪا** گهر گهر جو چڪر لڳائي پنهنجي اولاد جو سُک تلاش ڪندي نظر ايندي آهي. ❖ **امڙ ئي اها هستي آهي جيڪا** معذور ۽ لاچار اولاد تائين کي بہ بي سهارو ناهي ڇڏيندي. ❖ **امڙ ئي اها هستي آهي جيڪا** نافرمان ۽ بدڪار اولاد کي بہ پنهنجي شفقت ڀري سائي ۽ ممتا جي ٿڌاڻ سان محروم ناهي ڪندي. ❖ **امڙ ئي اها هستي آهي** جنهن جي قدمن هيٺ جنت آهي. مطلب تہ! ماءُ هڪ اهڙي هستي آهي جيڪا هجي تہ اڱڻ ۾ بهار اچي ويندي آهي ۽ جيڪا نہ هجي تہ تمام تر رونق جي باوجود گهر ويران لڳندو آهي. تنهنڪري ماءُ جي خدمت ڪريو، ماءُ کي راضي ڪريو، ماءُ کي ڪڏهن تڪليف نہ پهچايو، ماءُ سان ڪڏهن جهيڙو نہ ڪريو، ماءُ سان ڪڏهن بہ وڏي آواز سان نہ ڳالهايو. ماءُ جي قدر ڪريو. ۽ جيڪڏهن ماءُ يا پيءُ يا انهن مان هڪ بہ ناراض آهي تہ يڪدم انهن کي راضي ڪريو. ياد رکو! ماءُ جهڙي بہ هجي ماءُ ماءُ هوندي آهي. ماءُ جي حقن کان آجو ٿيڻ ممڪن ئي نہ آهي.

## ماءُ کي ڪلهن تي ڪٽي گرم پٿرن تي ڇهه ميل........

هڪ صحابي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ بارگاهِ رسالت ۾ عرض ڪيو: هڪ راهه ۾ اهڙا گرم پٿر هئا جيڪڏهن گوشت جو ٽڪرو ان تي رکيو وڃي ها ته اهو ڪَبَاب ٿي وڃي ها! مون پنهنجي ماءُ کي ڪلهي تي ڇهه ميل (تقريباً9.656ڪلوميٽر) تائين ڪٽي ويو آهيان، ڇا مان ماءُ جي حقن مان آجو ٿي ويو آهيان؟ سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: تنهنجي پيدا ٿيڻ مهل سُور جا جيترا جهٽڪا ان برداشت ڪيا شايد هي ان مان هڪ جهٽڪي جو بدلو ٿي سگهي. (معجم صغير،۹۲/۱،حديث:۲۵۷)

اي عاشقانِ رسول! اسان کي گهرجي ته اسان پنهنجي والدين خاص ڪري پنهنجي ماءُ جي خدمت ڪريون، هڪ شخص عَرض ڪيو، يارَسُوْلَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! والِدَين جو پنهنجي اَولاد تي ڪهڙو حق آهي؟فرمايائون: هُمَا جَنَّتُكَ وَنَارُكَ يعني اهي ئي تنهنجي جنّت ۽ تنهنجو دوزخ آهن. (ابن ماجه، ڪتا ب الادب ، باب بر الوالدين ،۴/ ۱۸۶،رقم:۳۶۶۲)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اسان به پنهنجي ماءُ پيءُ کي راضي رکڻ چاهيون ٿا ۽ يقيناً سڀئي چاهيندا هوندا ته اچو! اسان اهڙي سني صحبت اِختيار ڪريون جتي ماءُ پيءُ جو ادب ۽ اِحترام سيکاريو ويندو هجي، جتي ماءُ پيءُ جي تعظيم ۽ توقير ڪرڻ سيکاري ويندي هجي، جتي ماءُ پيءُ جي اڳيان اُف ڪرڻ کان به بچڻ جي ترغيب ڏني ويندي هجي. هن پُرفتن دور ۾ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول الله پاڪ جي تمام وڏي نعمت آهي. اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوتِ اسلامي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي اصلاحِ امت جي جذبي سان سرشار نيڪي جي دعوت سان اهڙن لکين نوجوانن جي زندگين ۾ مدني اِنقلاب پيدا ٿيو آهي جيڪي پنهنجي والدين جي لاءِ تڪليف جو سبب بڻيل هئا، اهي خوش نصيب اڄ ماءُ پيءُ جي لاءِ راحت جو سامان بڻجي ويا آهن، هڪ تعداد اهڙو هوندو جن جي شرارتن يا بُري حرڪتن جي ڪري ماءُ پيءُ جون ننڊون اڏامي ويون هونديون پر دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول جي برڪت سان هاڻي چين جي ننڊ نصيب ٿي هوندي.

اچو! اسان نيڪ بڻجڻ جو عظيم نسخو يعني مدني انعامات جو رسالو حاصل ڪريون. **قافلن جا مُسافر** بڻجي وڃون، اسان کي خبر پوندي تہ ماءُ پيءُ جون دُعائون ڪيئن ورتون ويندِيون آهن، **هفتيوار سُنّتن ڀري اجتماع ۾ مدني مذاڪري** ۾ نہ صرف پاڻ شرڪت جي سعادت حاصل ڪريون بلڪ پنهنجي دوست احباب کي بہ شرڪت ڪرايون، پوءِ خبر پوندي تہ ماءُ پيءُ کي ڪهڙي طرح خوش ڪري ان جي **دِل جون دُعائوون** وٺي سگهجن ٿيون. **"مدني دوري"** جي لاءِ پنهنجو پاڻ کي پيش ڪريون، هر وقت پنهنجو پاڻ کي **نيڪي جي ڪمن** جي لاءِ تيار رکون. ۽ عاشِقانِ رَسول جي مَدَني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابستہ رهي 12 مَدَني ڪمن ۾ حِصّو وٺو ۽ پنهنجي قَبر و آخرت کي سَنوَاريو .

## 12 مَدَني ڪمن مان هڪ مَدَني ڪم ”صَداءِ مدينہ“

12 مَدَني ڪمن مان هڪ مَدَني ڪم ”صَداءِ مدينہ“ بہ آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه رِسالو بنام **”صَداءِ مدينہ“** بہ مَنظرِ عام تي اچي چڪو آهي. 12 مدني ڪمن مان هن مدني ڪم **”صَداءِ مدينہ“** جي تفصيلي معلومات ڄاڻڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي رسالي **”صَداءِ مدينہ“** جو مطالعو ڪريو، تمام اسلامي ڀائر ۽ خاص ڪري تنظيمي ذميداران هن رسالي جو لازمي مطالعو ڪن، اهو رسالو مڪتبة المدينہ جي بستي تي دستياب هئڻ سان گڏوگڏ دعوتِ اِسلامي جي ويب سائٹ تان بہ پڙهي سگهجي ٿو. ڈاؤن لوڊ (Download) ۽ پرنٽ آؤٹ (Print Out) بہ ڪري سگهجي ٿو.

هن رسالي جي مطالعي جي بَرَڪت سان اوهان کي خبر پوندي، ❖ صداءِ مدينہ ڇا آهي؟ ❖ صداءِ مدينہ ۾ مسلمانن جي لاءِ دعا، ❖ صداءِ مدينہ جا دنياوي فائدا، ❖ صداءِ مدينہ جا ڪجھ مَدَني گل، ❖ گهٽيءَ ۾ صداءِ مدينہ لڳائڻ جو طريقو، ❖ صداءِ مدينہ جون مَدَني بهارون وغيره.

❖ اَلْحَمْدُ لِلّٰه **”صَداءِ مدينہ“** جي برڪت سان نمازِ تهجد جي سعادت ملي سگهي ٿي. ❖ "صداءِ مدينہ" جي برڪت سان نماز جي حفاظت ٿيندي آهي. ❖ "صداءِ

مدينہ" جي برڪت سان مسجد جي پهرين صف ۾ تڪبيرِاُولٰي سان فجر نماز جي ادائيگي ٿي سگهي ٿي. ❖ "صداءِ مدينہ" جي برڪت سان "نيڪي جي دعوت" ڏيڻ جو ثواب بہ حاصل ڪري سگهجي ٿو. ❖ "صداءِ مدينہ" جي برڪت سان دعوتِ اسلامي جي نيڪ نامي ۽ تشهير ٿيندي. ❖ "صداءِ مدينہ" لڳائڻ وارو باربار مُسلمانن کي حج ۽ منو مدينو ڏسڻ جي دُعا ڏيندو آهي، الله پاڪ چاهيو تہ اهي دُعائون، ان جي حق ۾ بہ قبول ٿينديون. ❖ "صداءِ مدينہ" ۾ پيدل هلڻ جي برڪت سان صحت بہ سٺي ٿيندي. ❖ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول ۾ مسلمانن کي نمازِ فجر جي لاءِ بيدار ڪرڻ کي "صَداءِ مدينہ" لڳائڻ چئبو آهي، مسلمانن کي نمازِ فجر جي لاءِ جاڳائڻ سُنّتِ مُصطفٰي، سُنّتِ داؤدي (يعني حضرت سيدنا داؤد عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي سنت) ۽ سُنّتِ صَحابہ آهي،

اَمِيرُالمؤمنين حضرت سَيدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْه نمازِ فجر جي لاءِ ماڻهن کي جاڳائيندي مسجد تشريف فرما ٿيندا هئا. (طبقات ڪبرىٰ،ذڪر استخلاف عمر، ٢٦٣/٣ مفهوماً)اچو! ترغيب لاءِ صداءِ مدينہ لڳائڻ بابت هڪ مَدَني بهار ٻڌو ۽ خوش ٿيو،

## صَداءِ مدينہ جون بَرَڪتون

هڪ اسلام ڀاءُ جو چوڻ آهي تہ اَلْحَمْدُ لِلّٰه مون کي مديني شريف جي حاضري جي سعادت حاصل ٿي آهي ۽ اهو سڀ صداءِ مدينہ جون برڪتون آهن ڇوتہ مان پابندي سان صداءِ مدينہ لڳائيندو آهيان.

هڪ اسلامي ڀاءُ عاشقانِ رسول جي مَدَني تحريڪ دَعوَتِ اِسلَامي جي مَدَني قافِلي سان گڏ هڪ شهر ۾ ويا، اَذانِ فَجر بعد اهي صداءِ مدينہ لڳائيندا وجي رهيا ها تہ اوچتو هڪ گهر مان هڪ ماڊرن نوجوان انهن سان شامِل ٿيو ۽ ان فَجر جي نَماز مَسجِد ۾ باجَمَاعَت ادا ڪئي. بعد ۾ ان نوجوان جو والِد مَدَني قافِلي وارن عاشِقانِ رسول سان ملڻ آيو. جيڪو هڪ مالدار شخص هو. اُن اچي ٻڌايو تہ صداءِ مدينہ جي بَرَڪت سان ان جو نافرمان ماڊرن (Modern) بي نَمازي پٽ پَنج وَقت نَماز پڙهڻ لڳو آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه ان ماڊرن نوجوان جي والد ان شهر ۾ مَدَني مَرڪز فَيضانِ مدينہ جي لاءِ زمين بہ ڏني.

پڑوسی بَنا مجھ کو جنّت میں اُن کا خُدائے محمد برائے مدینہ
لگا فَجر میں بھائی گھر گھر پہ جاکر ذَرا دل لگا کر ”صدائے مدینہ“
(وسائلِ بخشش مُرمّم،ص۳۶۹)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## (3) نمازون قضا ڪرڻ!

اي عاشقانِ رسول! اسان قيامت جي نشانين جي باري ۾ پڙهي رهيا هئاسين. معراج تي وڃڻ واري آقا، غيب ٻڌائڻ واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ قيامت جي هڪ نشاني اها به بيان فرمائي آهي ته ماڻهو نمازون قضا ڪندا. (التذكرة باحوال الموتى واموراالاخرة، باب اذا فعلت هذه الامة...الخ، ص۵۹۷)

اڄ نمازون قضا ڪرڻ جا منظر اسان جي اکين جي اڳيان آهن، افسوس صدافسوس! اڄ اسان جي مُعاشري ۾ صرف سُستي ۽ ڪاهلي جي ڪري روز روز نمازون قضا ڪيون وينديون آهن هڪ تمام وڏو تعداد آهي جيڪو نمازون قضا ڪري ڇڏيندو آهي ۽ انهن کي ان جي ڪا پرواهه به ناهي ٿيندي. ڪجھ ماڻهو ته اهڙا به آهن جو جڏهن انهن جي هڪ يا ڪجھ نمازون رهجي وينديون آهن ته هفتن جا هفتا بلڪ مهينن جا مهينن تائين ڄاڻي واڻي نماز ناهن پڙهندا ۽ جيڪڏهن ڪو اسلامي ڀاءُ اُنهن تي انفرادي ڪوشش ڪندي نمازن جي ترغيب ڏياري ته چوندا آهن ”هاڻي اِنۡ شَآءَالله ايندڙ جمعي کان ٻيهر نمازون پڙهڻ شُروع ڪندس يا رمضان کان باقاعده نمازن جو اهتمام ڪندس“ ائين چئي ڪنهن قِسم جي شرم ۽ جِهجڪ بنا وڏي دليري سان مَعَاذَ الله هن ڳالھ جو اِقرار ڪيو ويندو آهي ته نمازون ڇڏڻ جو اهو ڪبيره گُناهه مان جُمُعي جي ڏينهن تائين يا رمضانُ المبارڪ تائين مُسلسل جاري رکندس. يقيناً اهو سڀ ڪجھ خوفِ خدا ۽ عِبادت جو شوق نه هئڻ جو وبال آهي نه ته جنهن جي دِل ۾ الله پاڪ جو خوف ۽ عِبادت جو ذوق ۽ شوق هوندو آهي اهو هر حال ۾ نمازن جي پابندي ڪندو آهي ۽ الله پاڪ جي نافرماني کان بچندو آهي.

ياد رکو! ڄاڻي واڻي نماز قضا ڪرڻ گناهه ۽ جهنم ۾ وڃڻ وارو ڪم آهي. اللّٰه پاڪ سيپاري 16،سُورَه مَريم جي آيت نمبر59 ۾ اِرشاد فرمائي ٿو:

فَخَلَفَ مِنۡۢ بَعۡدِهِمۡ خَلۡفٌ اَضَاعُوا الصَّلٰوةَ وَاتَّبَعُوا الشَّهَوٰتِ فَسَوۡفَ يَلۡقَوۡنَ غَيًّا ﴿۵۹﴾ (پ١۶،سوره مريم:۵۹)

**ترجمو ڪنز الايمان:** پوءِ انهن جي پنيان انهن جي جاءِ تي اهي نالائق آيا جن نمازون وڃايون ۽ پنهنجي خواهشن جي پنيان لڳا عنقريب پوءِ اهي دوزخ غيّ جو جهنگ ڏسندا.

## جهنم جي خوفناڪ واديءَ جو خوفناڪ کُوهه

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل آيتِ مبارڪ ۾ ”غَيّ“ جو تذڪرو آهي ۽ ان مان مراد جهنم جي هڪ وادي آهي. صَدرُ الشَّرِيعَه، بَدرُ الطَّرِيقَه حضرتِ علّامه مولانا مفتي محمد امجد علي اَعظمي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: ”غَيّ“ جهنم جي هڪ وادي آهي جنهن جي گرمي ۽ اونهائي سڀ کان وڌيڪ آهي، ان ۾ هڪ کوهه جنهن جو نالو ”هَب هَب“ آهي، جڏهن جهنم جي باهه وسامڻ تي ايندي آهي ته اللّٰه پاڪ ان کوهه کي کولي ڇڏيندو آهي جنهن سان اها (جهنم جي باهه) بدستور ڀڙڪڻ لڳندي آهي. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمايو: ﴿كُلَّمَا خَبَتۡ زِدۡنٰهُمۡ سَعِيۡرًا ﴿۹۷﴾﴾ **ترجمو ڪنزالايمان:** جڏهن به وسامڻ لڳو ته اسان ان کي اڃان وڌيڪ ڀڙڪائينداسي. (پ١۵، بني اسرآئيل:۹۷) (وڌيڪ فرمائن ٿا ته) هي کوهه بي نمازين ۽ زانين ۽ شرابين ۽ وياج خورن ۽ ماءُ پيءُ کي ايذاء ڏيڻ وارن جي لاءِ آهي. (بهارِشريعت، ١/ ۴٣۴،حصه سوم)

حضرت مفتي احمديارخان عليہ رحمةُ الحِنّان، سُوَرةُ اَلمَاعُون جي آيت نمبر 5 جي حوالي سان فرمائن ٿا: نماز وسري وڃڻ جون چند صورتون آهن: ڪڏهن نه پڙهڻ، پابندي سان نه پڙهڻ، صحيح وقت تي نه پڙهڻ، نماز صحيح طريقي سان ادا نه ڪرڻ، شوق سان نه پڙهڻ، سوچي سمجهي نه پڙهڻ، سستي، بي پرواهي سان پڙهڻ. (نورالعرفان ص957)

## نماز جون برڪتون

اي عاشقانِ رسول! اسان قيامت جي نشانين جي باري ۾ ٻڌي رهيا آهيون. اسان ٻڌو ته نمازون قضا ڪرڻ به قيامت جي نشانين مان آهي. اچو! هتوهٿ نيت ڪريو ۽ وڏي آواز سان اظهار ڪيو ته اڄ کانپوءِ منهنجي ڪابه نماز قضا نه ٿيندي، اِنْ شَآءَاللّٰه

**پيارا اسلامي ڀائرو!** ❖ نماز هڪ تمام وڏي عبادت آهي، ❖ نماز جنت ۾ وڃي وجڻ وارو عمل آهي، ❖ نماز مؤمن جي لاءِ بهترين عمل آهي، ❖ نماز نور آهي، ❖ خشوع ۽ خضوع سان ٻه رڪعتون ادا ڪرڻ واري جي لاءِ جنت واجب ٿي ويندي آهي، ❖ ٻه رڪعتون نماز دنيا ومافيها(يعني دنيا ۽ جيڪو ڪجھ ان ۾ آهي، ان) کان بهتر آهي، ❖ نماز الله پاڪ جو پسنديده عمل آهي، ❖ نماز ۾ هر سجدي جي بدلي هڪ نيڪي لکي ويندي آهي، ❖ هڪ گناهه مٽايو ويندو ۽ هڪ درجو بلند ڪيو ويندو آهي، ❖ نمازي قيامت جي ڏينهن سلامتيءَ سان جنت ۾ داخل ڪيو ويندو، ❖ نماز سان گناهه ڇڙندا آهن، ❖ نماز گناهن جي مير کي ڌوئي ڇڏيندي آهي، ❖ هڪ نماز پوئين نماز جي دوران ٿيڻ وارن گناهن کي ختم ڪري ڇڏيندي آهي، ❖ نمازي پلائي ۾ رات گذاريندو آهي، ❖ نماز برائين کي مٽائيندي آهي، ❖ نمازي جنت ۾ داخل ٿيندو، ❖ نمازيءَ جي لاءِ معصوم ملائڪ الله پاڪ جي بارگاهه ۾ مغفرت جي سفارش ڪندا آهن، ❖ نمازي الله پاڪ جي امان يعني حفاظت ۾ رهندو آهي، ❖ **نماز،** نمازي جي لاءِ دعاءِ حفاظت ڪندي آهي، ❖ نمازي ڪامل مؤمن آهي، ❖ نمازي کي پورو بدلو ڏنو ويندو، ❖ نماز، شيطان جو منهن ڪارو ڪندي آهي.

دیدارِ حَق دِکھائے گی اے بھائیو! نماز　جنّت تمہیں دِلائے گی اے بھائیو! نماز
دربارِ مُصطفےٰ میں تمہیں لے کے جائے گی　خالق سے بَخشوائے گی اے بھائیو! نماز
عزّت کے ساتھ نُوری لِباس اچّھے زیورات　سب کچھ تمہیں پہنائے گی اے بھائیو! نَماز
جنَّت میں نَرم نَرم بچھونوں کے تَخت پر　آرام سے سُلائے گی اے بھائیو! نماز

خِدمَت تمہاری کریں گی حُوریں اَدَب کے ساتھ رُتبہ بہت بڑھائے گی اے بھائیو! نماز
کوثر کے سَلسَبِیل کے شربَت پِلائے گی میوے تمہیں کِھلائے گی اے بھائیو! نماز
سب عِطر و پُھول ہوں گے نچھاور پسینے پر خُوشبو میں جب بَسائے گی اے بھائیو! نماز
رَحمت کے شامیانوں میں خُوشبو کے ساتھ ساتھ ٹھنڈی ہوا چلائے گی اے بھائیو! نماز
باغِ بہشت روضۂ رِضواں بہارِ خُلد سب کچھ تمہیں دِکھائے گی اے بھائیو! نماز
پڑھتے رہو نماز کہ دونوں جہان میں سب کچھ تمہیں دِلائے گی اے بھائیو! نماز
فاقے سے مُفلسی سے جہنّم کی آگ سے سب سے تمہیں بچائے گی اے بھائیو! نماز
پڑھ کر نماز ساتھ لو سامانِ آخرت محشر میں کام آئے گی اے بھائیو! نماز
بات اعظمیؔ کی مانو نہ چھوڑو کبھی نماز اللہ سے مِلائے گی اے بھائیو! نماز

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ڪجھ قيامت جون علامتون ۽ اسان جو معاشرو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان قيامت جي علامتن جي باري ۾ ٻڌي رهيا هئاسين، حضرت حُذَيفہ بن يمان رَضِیَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي، غيب جو علم ڄاڻڻ واري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: قُربِ قِيامَت جي نشانين مان هي ڪم آهن. (١) ماڻهو قطعِ رحمي ڪندا. (٢) گناهن جي ڪثرت هوندي. (٣)قُرآنِ مجيد کي (سون چاندي سان) مُزين ڪيو ويندو.(۴) مرد عورتن جي ۽ (۵) عورتون مردن جي مُشابَهت اختيار ڪنديون. (٦) ماڻهو پنهنجي والد جي نافرماني ڪندو ۽ دوست ۽ احباب سان ڀلائي ڪندو. (٧) ڳائڻ وارين ۽ (٨) آلاتِ مَوسيقي جو رِواج عام ٿي ويندو. تہ ان وَقت ڳاڙهي انڌاري، زمين ۾ ڌڪجي وڃڻ، شڪلون تبديل ٿيڻ ۽ ٻين عذابن جي اچڻ کان ڊڄندا رهجو.

(حلية الاولياء، ٣/٤١٠،رقم ۴۴۴٨ ملتقطاً)

اي عاشقانِ رسول! غور ڪريو! انهن مان ڪهڙو اهڙو ڪم آهي جيڪو اڄ اسان جي زماني ۾ عام نہ آهي، قطعِ رحمي ڪرڻ قيامت جي نشانين مان ٻڌايو ويو آهي، اڄ گهرن ۽ خاندانن ۾ ننڍين ننڍين ڳالهين تي جهيڙا ٿيندا آهن ۽ پوءِ اهي ئي جهيڙا وڏي قطعِ رحمي جي صُورت اختيار ڪندا آهن. ۽ خاندان جا ڀاتي ڪيئي ڪيئي سالن تائين هڪ ٻئي جو منهن بہ ناهن ڏسندا. گُناهن جي ڪثرت کي بہ قيامت جي نشانين مان بيان ڪيو ويو آهي، اڄ اسان پنهنجي معاشري ۾ ڏسون تہ اسان کي اندازو ٿيندو تہ اهو ڪهڙو گناهہ آهي جيڪو اسان جي معاشري ۾ نٿو ڪيو وڃي. تنهائي هجي يا محفل، گهر هجي يا بازار، شهر ۾ هجون يا ڳوٺ ۾ هر هنڌ گناهن جي ڀرمار آهي. بلڪ هاڻي تہ گناهن جي اهڙي زيادتي آهي جو پاڻ کي گناهن کان بچائڻ مشڪل ترين ڪم ٿي ويو آهي. قُرآنِ پاڪ کي مُزين ۽ آراستہ ڪيو وڃڻ بہ قيامت جي نشانين مان بيان ٿيو آهي، اڄ قُرآنِ پاڪ جي غلاف کي، ان جي رحل کي، ان جي بائينڊنگ (يعني مٿين جلد) ۽ ورقن کي تہ گهڻو سجايو ويندو آهي پر پنهنجي ڪردار کي قرآني اخلاق سان آراستہ ڪرڻ وارا گهٽ ٿيندا پيا وڃن، اڄ قُرآنِ پاڪ جتي رکيو وڃي ان هنڌ جي بہ سجاوٽ جو خيال رکيو ويندو آهي پر دل، دماغ، فڪر ۽ سوچ بہ قرآنِ پاڪ جي تعليمات سان سنورجي وڃي ان جي طرف ڌيان ناهي ڏنو ويندو. مردن جو عورتن ۽ عورتن جو مردن جي مشابهت ڪرڻ بہ قيامت جي نشاني آهي، غور ڪريو! اڄ ڪهڙو اهڙو شعبو ۽ ڪهڙو اهڙو ڪم آهي جنهن ۾ عورتون مردن جي ۽ مرد عورتن جي نقالي نہ ڪري رهيا هجن. افسوس! اڄ تہ جنهن ڪم ۾ عورتن جو تعداد گهڻو شريڪ ٿئي، ان کي ئي ترقّي جي علامت سمجهيو وڃڻ لڳو آهي. وار ڪترائڻ، ڪپڙا پائڻ، بازارن ۾ گهمڻ، گاڏيون هلائڻ، خَرِيد و فَروخت جي شُعبن، راند جي ميدان، مطلب تہ! ڪهڙي اهڙي جڳهہ آهي جتي عورتون مردن جي نقّالي ڪندي نظر ناهن اينديون، اهڙي طرح اڄ مردن ۾ ڏسون تہ ڪنگڻ پائڻ، عورتن جيان وڏا وار رکڻ، عورتن جيان نڪ ۽ ڪنن ۾ زيور پائڻ، مٿي تي

هيئر بيند لڳائڻ، هٿن ۽ پيرن تي مينڌي لڳائڻ سميت ٻين ڪوڙ ڪمن جو رواج به وڌندو پيو وڃي، جڏهن ته اسان جي آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي قيامت جي علامتن ۾ شمار ڪيو آهي ۽ هن کان منع به فرمايو آهي. اهڙي طرح قِيامَت جي هڪ نشاني اها به بيان ڪئي وئي ته انسان پنهنجي والد جي نافرماني ۽ دوست احباب سان ڀلائي ڪندو، ان جا نظارا به هر پاسي عام آهن، ڪن ماڻهن جو رَوَيو پنهنجي سڳي پيءُ سان تمام سخت هوندو آهي پر پنهنجي دوستن جي اڳيان نرم رَوَيو هوندو آهي، ڪن ماڻهن کي پنهنجي سڳي والد سان حسنِ سلوڪ(سٺو سلوڪ) جي توفيق ناهي ملندي پر پنهنجي دوستن سان گڏ هر اينڊڙ ڏينهن پارٽيون ۽ دعوتون هلي رهيون هونديون آهن، ڪي ماڻهو پنهنجي والد جي ايتري ناهن مڃيندا جيتري پنهنجي دوستن جي مڃيندا آهن، اهو ئي سبب آهي ته اهڙا نظارا به ڏسڻ ۾ ايندا آهن جڏهن والد پنهنجي اولاد جي دوستن کي چئي رهيا هوندا آهن ته اوهان ئي منهنجي پٽ کي سمجهايو، اوهان ئي منهنجي پٽ کي ٻڌايو! منهنجي ته اهو ٻڌي نٿو! قيامت جي نشانين مان اهو به بيان ڪيو ويو ته **ڳائڻ وارين ۽ آلاتِ موسيقي جي ڪثرت هوندي**، هن باري ۾ به معاشري جي صورتحال اسان جي سامهون آهي. ميوزڪ ۽ گانن باجن جو سيلاب آهي جيڪو مسلمانن کي لوڙهي ڪنيو پيو وڃي، پهريان ته سنيما گهرن جي شڪل ۾ مخصوص هنڌ هوندا هئا جتي مَعَاذَ الله گانا ۽ ميوزڪ جو سلسلو ٿيندو هو. پر هاڻي ته هر هنڌ گانن ۽ ميوزڪ جي گهڻائي آهي. موبائل ۾ گانا ۽ ميوزڪ، ٽي وي ۾ گانا ۽ ميوزڪ، بازارن ۾ گانا ۽ ميوزڪ، هوٽلن ۾ گانا ۽ ميوزڪ، رانديڪن ۾ گانا ۽ ميوزڪ، جوتن ۾ گانا ۽ ميوزڪ، گهرن ۾ گانا ۽ ميوزڪ، اسڪولن ۾ گانا ۽ ميوزڪ، ڪالجن ۾ گانا ۽ ميوزڪ، بسن ۾ گانا ۽ ميوزڪ، ڪارن ۾ گانا ۽ ميوزڪ، جهازن ۾ گانا ۽ ميوزڪ، ٽرينن ۾ گانا ۽ ميوزڪ! مطلب ته! ڪهڙو اهڙو هنڌ آهي جتي ڳائڻ ۽ ميوزڪ جو سلسلو نه آهي. بلڪ هاڻي ته مَعَاذَ الله نوبت ايستائين پهچي چڪي آهي جو مسجدن ۾ موبائلن جون ٽونز

وڃي رهيون هونديون آهن تہ اتي بہ ڳائي ۽ ميوزڪ جو آواز گونجڻ لڳندو آهي. اللہ پاڪ اسان جي حال تي رحم فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## قيامت جي تياري ڪريو!

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ اسان قيامت جي نشانين جي باري ۾ ٻڌو. يقيناً اسان جو ايمان آهي تہ قيامت هڪ نہ هڪ ڏينهن ضرور اچڻي آهي. اڄ ضرورت هن ڳالهہ جي آهي تہ اسان پنهنجي اعمال ۽ احوال ۾ اهڙي تبديلي آڻيون جيڪا اسان کي قيامت جي هولناڪين کان بچائي سگهي.

حَضرتِ امام غزالي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ اِرشاد فرمائن ٿا: جيڪو دُنيا ۾ رهي قِيامَت جي باري ۾ گهڻو غور و فِڪر ڪندو، اهو انهن هولناڪين کان گهڻو مَحفوظ رهندو. بيشڪ اللہ ڪريم ٻانهي تي ٻہ خوف جمع ناهي ڪندو، لهٰذا جيڪو دُنيا ۾ هنن هولناڪين جو خوف رکندو اهو آخرت ۾ انهن کان مَحفُوظ رهندو ۽ خوف مان مُراد عَورتن جيان روئڻ ڌوئڻ ناهي جو لڙڪ وهايون ۽ ٻڌڻ جي وقت دِل نَرم ٿي وڃي پوءِ توهان ان کي وساري پنهنجي راند روند ۾ مشغول ٿي وڃو. اهڙي حالَت جو خوف سان ڪو تَعلُّق ناهي، بلڪ جيڪو شَخْص جنهن شيءِ جو خوف رکندو آهي ان کان پڄندو آهي ۽ جنهن شيءِ جي اُميد رکندو آهي ان کي طَلَب ڪندو آهي. لهٰذا توهان کي اهو ئي خوف نَجات ڏيندو جيڪو اللہ ڪريم جي نافرماني کان روڪي ۽ ان جي عِبادت ۽ فرمانبرداري تي اياري . (احياء العلوم،کتاب ذکر الموت ـــ الخ،۵/۲۸۶ـ۲۸۷)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## مجلس سوشل ميڊيا(دعوتِ اسلامي) جو تعارف

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ميڊيا جي هن دور ۾ ٽيڪنالوجي پنهنجي عروج تي پهچي چڪي آهي. خاص طور تي انٽرنيٽ جي ايجاد کان پوءِ سوشل ميڊيا

(Social Media) جي ذريعي سڄي دُنيا ۾ ڪٽي ٻه روابط جو هڪ نيو سلسلو شروع ٿيو آهي. فيس بڪ(Facebook)، انسٽا گرام (Instragram)، واٽس ايپ(Whatsapp)، ٽوئٽر (Twitter) ۽ هن طرح جي ٻين ويب سائٽس (Websites) سڄي دنيا ۾ پنهنجا ڪروڙين صارفين ٺاهيا آهن. هڪ اندازي جي مطابق هن وقت صرف پاڪستان ۾ ڪم و بيش 50 ملين (يعني پنج ڪروڙن) کان وڌيڪ سوشل ميڊيا اڪاؤنٽس موجود آهن. انهن ماڻهن تائين قرآن و سنت جو پيغام پهچائڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي هڪ مجلس بنام ”مجلس سوشل ميڊيا“ قائم ڪئي. عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي تحت ”مجلس سوشل ميڊيا“ هن وقت جن ويب سائٽس تي ڪم ڪري رهي آهي، انهن ۾ يوٽيوب (YouTube) ، فيس بڪ، ٽوئٽر، انسٽاگرام، ٽيلي گرام(Telegram) ۽ واٽس ايپ شامل آهن.

فيس بڪ (Facebook) تي 10 پيجز (Pages) تي ڪم ڪيو پيو وڃي، جن ۾ دعوتِ اسلامي، مولانا الياس قادري، مولانا عبيد رضا، حاجي عمران عطاري، حاجي شاهد عطاري، دارالافتاء اهلسنت، مدني نيوز، مدني چينل، مدني چينل لائيو ۽ 30 سيڪنڊ ۽ ليس (Thirty seconds or less) شامل آهن، جن سڀ تي ملڻ وارن لائيڪ جي ڪل تعداد ڪروڙين ۾ آهي.

يوٽيوب (YouTube) تي ٻه 10 چينلز تي ڪم جاري آهي . جن ۾ مدني چينل (Madani Channel)، مولانا الياس قادري(Maulana Ilyas Qadri)، اسلام فور ڪڊز (Islam for kids )، مولانا عبيد رضا عطاري (Maulana Ubaid Raza Attari)، مولانا عمران عطاري (Maulana Imran Attari)، عبدالحبيب عطاري (Abdul Habib Attari) مدني چينل اردو لائيو (Madani Channel Urdu Live)، مدني چينل انگلش (Madani Channel English)، مدني چينل انگلش لائيو( Madani Channel English Live) ۽ نعت پروڊڪشن (Naat Production) شامل آهن. ان تمام پيجز جي صارفين (Subscribers) جو تعداد گڏجي تقريباً 1.7 ملين تائين پهتل آهي.

جيڪڏهن اوهان بہ سوشل ميڊيا يوزر آهيو تہ انهن پيجز (Pages) ۽ چينلز(Channels) کي لائيڪ (Like) ۽ سبسڪرائب (Subscribe) ڪريو، ان تي موجود ڪونٽينٽ خوب شيئر ڪريو ۽ قرآن و سنت جي پيغام کي سڄي دنيا ۾ پهچائڻ ۾ دعوتِ اسلامي جو ساٿ ڏيو. الله پاڪ دعوتِ اسلامي جي هر شعبي کي مزيد ترقي عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشکاۃ الصابیح،کتاب الایمان،باب الاعتصام بالکتاب والسنۃ،۱/۹۷،حدیث:۱۷۵)

سینہ تری سُنَّت کا مدینہ بنے آقا جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## لباس جون سنتون ۽ آداب

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اچو بانيءِ دعوتِ اسلامي، شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه جي رسالي ”163 مدني گل“ مان لباس جا ڪجھ مدني گل ٻڌون ٿا.

فرمانِ مصطفٰي صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهي: جنّ جي اکين ۽ ماڻهن جي اوگهڙ وچ ۾ پردو اهو آهي تہ جڏهن ڪپڙا لاهي تہ بِسْمِ الله چوي. (اَلْمُعْجَمُ الْاَ وْسَط ج۲ص۵۹حدیث ۲۵۰۴) مُفسّر شهير، حڪيم الأمّت، حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: يعني جيئن ديوار ۽ پردو ماڻهن جي لاءِ اوٽ (يعني آڙ) بڻجي ٿو ائين ئي الله پاڪ جو ذڪر جنّن جي نگاهن کان اوٽ بڻجندو تہ جيئن جنّ ان جي شرمگاه کي ڏسي نہ سگهن. (مرآۃ المناجیح،۱/ ۲۶۸) ❖ جيڪو شخص ڪپڙو پائي ۽ پڙهي:

اَلْحَمْدُلِلّٰهِ الَّذِیْ كَسَانِیْ هٰذَا وَرَزَقَنِيْهِ مِنْ غَيْرِحَوْلٍ مِّنِّیْ وَلَا قُوَّةٍ تہ ان جا اڳيان پويان گناھ معاف ٿي ويندا. (شُعَبُ الْاِيمان ج۵ ص۱۸۱ حديث۶۲۸۵) جيڪو قدرت باوجود سنا ڪپڙا پائڻ تواضُع (يعني عاجزي) جي ڪري ڇڏي ڏي اللّٰه پاڪ ان کي قيامت جي ڏينهن ڪرامت جو حُلّو (يعني لباس) پارائيندو. (ايضاً ص 326 حديث 4778) ❖ **خَاتَمُ الْمُرْسَلِين، رَحْمَةٌ لِّلْعٰلَمِين** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو مبارڪ لباس اڪثر سفيد ڪپڙي جو هوندو هو. (كَشْفُ الاِلْتِبَاس فِي اسْتِحْبَابِ اللِّبَاس لِلشَّيخ عبدالْحَقّ الدّهلَوِي ص۳۶) ❖ لباس حلال ڪمائي مان هجي ۽ جيڪو لباس حرام ڪمائي مان حاصل ٿئي ان ۾ فرض ۽ نفل ڪا نماز قبول ناهي ٿيندي (اَيضاً ص ۱۴) ❖ پائڻ مهل ساڄي پاسي کان شروع ڪيو (جو سنت آهي) مثلاً جڏهن ڪُرتو پايو تہ پهرين آستين ۾ ساڄو هٿ داخل ڪيو پوءِ کاٻو هٿ کاٻي آستين ۾ (اَيضاًص۴۳) ❖ اهڙي طرح پاجامو پائڻ مهل پهرين ساڄي پانچي ۾ ساڄو پير داخل ڪيو ۽ جڏهن (ڪُرتو يا پاجامو) لاهيو تہ ان جو خلاف يعني کاٻي پاسي کان شروع ڪيو ❖ **دعوت اسلامي** جي اشاعتي اداري **مكتبةالمدينہ** جي شايع ٿيل 1197 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”**بهار شريعت**“ جلد 3 صفحي 409 تي آهي: سنت هي آهي تہ دامن جي ڊيگھ اڌ پني تائين هجي ۽ آستين جي ڊيگھ وڌ ۾ وڌ آڱرين جي پورن تائين ۽ ويڪر هڪ گرانٺ هجي. (رَدُّالْمُحتار ج ۹ ص ۵۷۹) ❖ سنت هي آهي مرد جو تهبند (گوڏ) يا پاجامو پيڏين کان مٿي رهي. (مراۃ، ج۶ص۹۴) ❖ مرد مردانو ۽ عورت زنانو ئي لباس پائي. ننڍن ٻارن ۽ ٻارڙين ۾ بہ هن ڳالھ جو لحاظ رکو ❖ **دعوت اسلامي** جي اشاعتي اداري **مكتبة المدينہ** جي شايع ٿيل 1250 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”**بهار شريعت**“ جلد 1 صفحي 481 تي آهي: مرد جي لاءِ دُن کان هيٺ کان گوڏن جي هيٺ تائين عورت آهي يعني ان جو ڍڪيل هجڻ فرض آهي، دُن هن ۾ داخل ناهي ۽ گوڏا داخل آهن. ❖ تڪبّر جي طور جيڪو لباس هجي اهو ممنوع آهي . ۽ تڪبر آهي يا نہ ان جي سڃاڻپ ائين ڪري جو ان ڪپڙن جي پائڻ کان پهرين پنهنجي جيڪا حالت ڏسي ٿو جيڪڏهن پائڻ کان پوءِ بہ اها ئي حالت آهي تہ خبر پئي ان ڪپڙن ۾ تڪبّر پيدا نہ ٿيو. جيڪڏهن اها حالت باقي نہ رهي تہ تڪبر اچي ويو، تنهن

ڪري اهڙن ڪپڙن کان بچي جو تڪبر بُري صفت آهي. (بهارِ شريعت ج٣ص٤٠٩ ،رَدُّالْمُحتار ج ٩ ص ٥٧٩)

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مکتبة المدينه** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "**سنتيں اور آداب**" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن پريو سفر آهي.

## ايندڙ هفتيوار اجتماع جي بيان جون جهلڪيون

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اِنْ شَآءَالله! آئنده هفتيوار اِجتماع جو موضوع هوندو "اعليٰ حضرت جي شاعري ۽ عشقِ رسول" پنجويهه صفر المظفر تي اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت، پروانهءِ شمعِ رسالت، مُجدّدِ دين و ملت، باعثِ خير و برڪت، امامِ عشق ومحبت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو عُرس ملهايو ويندو آهي، انهيءَ مناسبت سان آئنده هفتي جي بيان ۾ اسان اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي عشق و محبت سان ڀريل نعتيه ڪلام جي باري ۾ ٻڌنداسين ۽ حدائق بخشش جا ڪجهه شعر ۽ انهن جي مختصر وضاحت به ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين. لِهٰذا! **آئنده جمعرات** به اجتماع ۾ حاضري جي نيت ڪريو، نه صرف پاڻ اچڻ جي بلڪ **اِنفرادي ڪوشش** ڪري ٻين کي به گڏ آڻڻ جي نيت ڪريو ۽ هٿ ڪٽي زور سان چئو: اِنْ شَآءَالله

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْہ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[3]

---

1...افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

2...افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

3...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیْه کن بُزرگن کان نقل کن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي. [1]

## (5) قُربِ مُصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اکبر رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي. [2]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. [3]

---

[1] ...افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[2] ...القول البديع، الباب الاول، ص125

[3] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

1 ... مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فی ڪيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305